# سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريہ 2020

# SINDHACT NO.XVII OF 2020

# سنڌ ڪووڊ_19 ايمرجنسي رليف (ترميم) ايڪٽ، 2020

# THE SINDH COVID_19 EMERGENCY RELIEF (AMENDMENT) ACT,2020

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XII 2020 جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Act No.XII of 2020

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريہ 2020

# SINDHACT NO.XVII OF 2020

# سنڌ ڪووڊ_19 ايمرجنسي رليف (ترميم) ايڪٽ، 2020

# THE SINDH COVID_19 EMERGENCY RELIEF (AMENDMENT) ACT,2020

[12 آگسٽ 2020]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪووڊ_19 ايمرجنسي رليف ايڪٽ، 2020 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ڪووڊ_19 ايمرجنسي رليف ايڪٽ، 2020 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ ڪووڊ_19 ايمرجنسي رليف (ترميم) ايڪٽ، 2020 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| commencement | (2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. |
| 2020 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 3 جي ترميم<br>Amendment of section 3 of Sindh Act No.XII of 2020 | 2.سنڌ ڪووڊ-19 ايمرجنسي رليف ايڪٽ، 2020 جي دفعہ 3 ۾:<br>(i) ذيلي دفعہ (2) ۾، شق (g) کانپوءِ هيٺيون نيون شقون شامل ڪيون وينديون:<br>"(h) صحت کاتو سنڌ عوامي سجاڳي مهم، ورڪشاپس، سيمينارس، اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا ذريعي صوبي ۾ مفت ۾ بيان ڪيل صحت گهرن ۾ ماڻهن کي ڪووڊ-19 جون ٽيسٽس ڪرائڻ لاءِ موٽيويٽ ڪندو ۽ همٿائيندو.<br>(ii)ڪو بہ شخص ڪنهن بہ اسٽيبلشمينٽ ۾ جنهن کي ڪووڊ-19 پازيٽو اچي ٿي، ان کي آئسوليشن ۾ رهڻ وارو عرصو پيڊ ليو ڏني ويندي ۽ آئسوليشن دوران صحت کاتي طرفان بيان ڪيل اسٽينڊرڊ آپريٽنگ پروسيجرز تي عمل ڪندو: بشرطيڪ حڪومت ڏهاڙي تي مزدورن کي مالي مدد فراهم ڪندي جن جي ٽيسٽ پازيٽو اچي ٿي ۽ آئسوليشن جي عرصي دوران صحت کاتي طرفان بيان ڪيل اسٽينڊرڊ آپريٽنگ پروسيجرز تي عمل ڪندا."؛<br>(iii)ذيلي دفعہ (6) کانپوءِ، هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:<br>"(7)اهو ان شخص لاءِ لازمي هوندو تہ هو فيس ماسڪ |

پائي جيڪو ڪنهن عوامي جڳهه جو دورو ڪري ٿو
تہ جيئن ڪووڊ۔19 انفيڪشن جي ڦهلجڻ کان بچاءُ
ڪري سگهجي.”.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**